# هانءُ هاريو مَتان

(شاعري)

## شاهده ڪوڪر

Murk Publication

2017ع

دجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر





# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعره **شاهده کوکر** جي شاعريءَ جو مجموعو ”**هانءُ هاريو مَتان**“ اوهان اڳيان حاضر آهي.
شاهده کوکر سماج جي مدي خارج رسمن کي ڌوڙ وجهي پنهنجو تخليقي سفر جاري رکيو، اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعرائي سڃاڻپ ڪيس اهڙي مقام تي آڻي بيهاريو جو نه چاهيندي به نئين ٿهيءَ جا شاعر توڙي جهونا جوڳي سندس ان مسلسل شاعرائي رياضت کي داد ڏيڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا اهڙا ڪردار سماج ۾ ڪڏهن به نه مرندا آهن، جيڪي نفرت، حسد ۽ ڪينو هڪ پاسي رکي پنهنجي تخليقي، فني ۽ فڪري جستجو سان سلهاڙيل رهن ٿا هن مجموعي ۾ سندس غزل ۽ وايون شامل آهن
هي ڪتاب 2017ع ۾ مرڪ پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو، ٿورائتا آهيون مرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





Book No. 17

*Han'u Hariyo Matan* — هانءُ هاريو مَتان
(Poetry) — (شاعري)
*Shahida Khokhar* — شاهده کوکر
May 2017 — مئي 2017ع
Composing: Zubair Soomro — ڪمپوزنگ: زبير سومرو
0333-7594302

Published by: — ڇپيندڙ:
*MURK PUBLICATION* — مرڪ پبليڪيشن

Office: Room No 403 4th Flor Sabir manzil 98
Near Gul Plaza Morston Road Karachi

**murtaza.laghari9@gmail.com**
**murtaza.laghari@ymail.com**

**ملهه: 150 رپيا**

ڪتابن ملڻ جا هنڌ:
ڪائياواڙ بوڪ اسٽور ڪراچي، ڪتاب گهر ثقافت کاتو ڪراچي
پٺائي ڪتاب گهر حيدرآباد، ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد،
سمبارا پبليڪيشن هائوس حيدرآباد، عزيز ڪتاب گهر سکر
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، ٽر ڪتاب گهر مٺي،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، پريتم قاضي نواب شاهه
مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ/ ڪراچي

# ارپنا

هي پنهنجي جذبن جو پو رهيو
پنهنجي جيوَن ساٿي (مڙس)
سهڻل شاهه جي نالي
جيڪو ڏک سک ۾ منهنجو
ڏڍ ٿي رهيو آهي ۽
سماجي سِجَ جي تيکَ اڳيان
قربائتو ڪکر بڻجي مون تي
ڇانوِرو ڪندو رهيو آهي.

**شاهده ڪوڪر**



**پبشلر نوٽ:**

شاهده ڪوڪر سنڌي ادب جو سفر 1980ع کان شروع ڪيو. هوءَ ذاتي مشاهدن جي بنياد تي تخليقي سفر جاري ۽ ساري رکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهي، عورتزاد جي ان ازلي سڃاڻپ ڪي طنز آميز روين، سماجي اڻ برابري تي ڪا رنڊڪ نه وجهي سگهي، پر سنڌس ادبي وجود کي به ترجيترو ڇيهو نه رسيو، ۽ اها ئي ثابتي ان اعتبار لاءِ ڪافي آهي ته هوءَ مستقل مزاجي سان ڪاميابي طرف وڌندي رهي آهي.

شاهده ڪوڪر سماج جي مدي خارج رسمن کي ڌوڙ وجهي پنهنجو تخليقي سفر جاري رکيو، اهوئي سبب آهي جو سندس شاعراڻي سڃاڻپ ڪيس اهڙي مقام تي آڻي بيهاريو آهي جو نه چاهيندي به نئين ٿهي جا شاعر توڙي جهونا جوڳي سندس ان مسلسل شاعراڻي رياضت کي داد ڏيڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. اهڙا ڪردار سماج ۾ ڪڏهن به نه مرندا آهن، جيڪي نفرت، حسد ۽ ڪينو هڪ پاسي رکي پنهنجي تخليقي، فني ۽ فڪري جستجو سان سلهاڙيل رهن ٿا.

شاهده ڪوڪر لاءِ مان اهو مثال نه ڏيندس ته اڄ کان ويهه سال اڳ سندس شاعري موسيقي جي سرن تي آلاپ جو مظهر بڻي، پر مان اهو ضرور چوندس ته هوءَ پنهنجي مسلسل ادبي پورهيي سبب پهريان کان وڌيڪ پنهنجي تخليقي رفتار ۾ گهڻو اضافو آندو آهي. شاهده ڪوڪر مزاج ۾ معصوميت، لهجي ۾ چنچلتا، لباس ۾ سادگي ۽ اندر جي آسودگيءَ جهڙين خوبين جي مالڪياڻي آهي، ۽ هڪ ذميدار تخليقڪار لاءِ اُهي خوبيون اهم هجن ٿيون، تڏهن ئي ته سندس شاعراڻي اڻٽ ڪيس منفرد مقام بخشي ٿي.

”هاڻ ۽ هاريو متان“ شاهده ڪوڪر جو ٻيو شعري مجموعو آهي، هي مجموعو سندس شروعاتي قدم کان گهڻو اڳتي، خوبصورت ۽ سگهارو تخليقي پورهيو آهي.

مرڪ پبليڪيشن مسلسل شاعرائن جا ٿي ڪتاب ڏئي پبلشنگ جي دنيا ۾ وک وڌائي آهي ۽ اهو به ثابت ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ عورت ليکڪائون مسلسل لکي رهيون آهن، رڳو لکي نه رهيون آهن پر سگهاري انداز ۾ شاعراڻيون تخليقون سرجي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي وسيع ڪينواس ۾ پنهنجي ذات جو رنگ پري رهيون آهن. اهڙين شاعرائن ۾ شاهده ڪوڪر جو نالو نه وسرندڙ حقيقت جهڙو آهي، اميد اٿم ته هي شاعره پنهنجي خوبصورت تخليقن جي آڌار تي سنڌي ادب ۾ صدين تائين جيئندي رهندي.

**مرتضيٰ لغاري**
03005182494

# ”خدا جي نگر ۾ اڪيلا اڪيلا“

هڪ شاعر ٻئي شاعر جي شعرن کي پڙهي ۽ سمجهي اِهو به آسان آهي پر هڪ شاعر ٻئي شاعر جي شعرن تي نروارُ تي پنهنجو رايو رکي سچ ته اهو ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. اهڙوئي امتحان اڄ منهنجي سِرَ تي آهي، منهنجي پياري سهيلي شاهده ڪوکر جڏهن فون ڪري چيو ته پيڻ شبانه! منهنجي هِن ايندڙ ڪتاب ”هانءُ هاريو مَتان“ تي توکي لِکڻو آهي پر اُهو به سڄو سارو مهاڳ، جڻ ان وقت آئون مُنجهي پئي هُيس پوءِ به محبت جو ڏڳ مٿيرو آهي، زندگيءَ جي هر واٽ ۽ وکڙ کان، مون جيءُ جيءُ چئي پيڻ شاهده کي ڪيل ماڻي جو جواب ڏنو هو.

شاهده ڪوکر سنڌي ادب ۾ ڪو نئون نويلو نالو بنهه ڪونه آهي اسان جي پيڻ پراڻن پلن کان پانڌياڻي آهي هِنَ اوکيءَ جي رستن جي، جڏهن شهيد رحمان مغل (سرمد سنڌي) جي ڳائڻ جو ماحول جوڀن جي جهول ۾ تي ڪُڏيو تڏهن کان شاهده ڪوکر جو عوامي انداز ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ زور شور سان روان دوان رهندو پيو اچي. سرمد سنڌيءَ جي آواز ۾ سندس مشهور غزل آهي ”ڪري ڏُور مون کي تون رَڙندو ته هوندين“ ان کان علاوه پڻ سنڌ جي مختلف فنڪارن سندس شاعري ڳائي ٻڌندڙن تائين رسائڻ ۾ ڪائي ڪسر ڪونه ڇڏي آهي. شاهده ڪوکر ذاتي طور تي به هڪ سُني سوچ رکندڙ ليکڪ آهي، هوءَ ذات پات جي قصيدن کان



تمام گهڻو پاسي ٿي گذاريندڙ هڪ سُني جندڙي آهي. سندس اِن خوبيءَ مون کي بيحد موهي وڌو آهي جو ڪڏهن نه ڪنهن جي گِلا ڪري نه گِلا غيبت ٻڌڻ پسند ڪري، صبح جو معمول مطابق مئسيج ڪري پڇندي آهي ته شبانه! راڻي طبيعت ڪيئن آهي؟ جواب ۾ چوڻو پوندو اٿم پيڻ دعائون تنهنجون خوش آهيان. اهو عمل يقين ڏيندو رهندو آهي ته شاهده ڪوکر منهنجي سڳي پيڻ آهي. اِهوئي حسن سندس شعرن ۾ منور پسجي پيو. هُن جي اکين منجهه فطرتي ڏات جون ڏياٽيون ٻرنديون رهيون آهن، جيڪي وقت جي اونداهه سان جهيڙينديون رهن ٿيون. انهن اکين ۾ قسمت جون هڙئي هارون به آهن، ته همت جي هٿن ۾ اميدون علم کٽي سُرندي به محسوس ٿين پيون، شاهده ڌرتيءَ جي دردن جون دانهون به ورنائي پئي ته عورت جي بيحسيءَ تي ڏُکي به پوي ٿي. هِنَ جي قلم ۽ قلب ۾ ازلي ضبط آهي جيڪو رسمي ديوَن آڏو نِڌر بڻيو بيٺو رهي ٿو. سندس غزل، بيت توڙي وايون پنهنجي اصلي شناس ۾ موجود آهن. محبوب جي مُرڪَ ۽ لوڪن جا لُڙڪ سندس شعرن ۾ چِٽا پِٽا نظر اچن پيا ۽ ان ميارَ کان پاڻ کي بچائڻ جي جتن ۾ رُڌل رهندي محسوس ڪريان پئي ته:

حيف تنين تي هوءِ، وطن جن وساريو.

محبوب جي ميارن کان مٽيءَ جون مياريون ڳوريون پائيندي نظر اچي پئي، ڪڏهن به اُهو شاعر / شاعره بقا جي ڏيهه ۾ نه ٿو تَڳِي ۽ ترسي جنهن جي طبيعت ۽ شعرن ۾ مٽيءَ جي مهڪ ڪونه آئي هجي پر شاهده ڪوکر خوشبخت آهي، سندس ذات ڏيهي ڏنجهن کان آجي ڪونه آهي.

محبت بہ انسان کي فطرتي سوغات آهي محبت ئي انسان کي احساسن جي مالها بخشي ٿي شاهده جي هِنَ شعر ۾ محبت جو معيار ۽ نماڻپ بيحد وڻي اٿم.

روحَ منهنجي اُتي رات توکي سڏيو،
شعر منهنجا مگر توڏي پهتا نہ ها!
وقت کيڏو مَتائي ڇڏيو ٿئي مِتا!
شاهده لاءِ تو وٽ ڇو دڙڪا نہ ها!؟

سچ تہ کنهن جا کڏهن دلاسا بہ دڙکن جيان محسوس ٿيندا آهن تہ قربت ۾ پنهنجن جا ڏنل دڙڪا بہ دلاسا ٿي پوندا آهن. ۽ اِهو احساس تڏهن ئي جيءَ جو جهوراڻو بڻجي پوندو آهي جڏهن ڪوئي پنهنجو پري ٿي پوندو آهي ۽ ڪوئي سهارو نہ سجهندو آهي تہ انسان پاڻ ئي پاڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ووڙيندو وتندو آهي جيئن شاهده جي هِنَ شعر کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

موت مِنٿو پيو اچڻو آهي،
کو دم آهين ڳاءِ حياتي!
رنج رُساما کنهن سان کهڙا!؟
رُوحَ رُنا پرچاءِ حياتي!

شاهده جڏهن روح رنل کي پرچائڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ مون کي لطيف سرڪار جي ڪيفيت سامهون مرڪندي محسوس ٿي تہ:

سَري نہ جِن ريءَ ساءِ، رتي م رسج تن کان.

شاهده کوکر زندگيءَ جي هر ڪيفيت مان گذرندي لڇو ۽ لکيو آهي، ڪڏهن پاڻ مايوسيءَ جي اونداهي رات ۾ رهي ٿي پوي تہ ڪڏهن



هن ڏيهہ جي سڏڪندڙ ساهَن لاءِ ڏِيَ ٿي بڻجي پوي. ذاتي طور شاهده جو مايوس رهڻ ڪو گناهہ ڪونہ آهي. آئون پلي پت چاٽان پئي تہ عورت لاءِ ڪيڏو نہ عذاب آهي جڏهن هوءَ محسوس ڪري ٿي تہ آئون تعذير جي زندان ۾ جڪڙيل آهيان پر جڏهن اندر منجهان ڏات ڏَيَ ڏهڪاءَ کي للڪاريندي بي ساختا اظهارڻ تي مجبور ڪري ٿي تہ شاهده کان هيئن چَوِرائي پئي:

هانءُ هارڻ جون ڳالهيون نہ ڪيو،
زندگي ۽ زمان آ جاني!
آ پرائي پچار ۾ ماڻهو!
وقت جو هيءُ زبان آ جاني!

يا وري:

هانءُ هاريو مَتان مشڪلاتون ڏسي،
چار باقي وِکون ڇيڻَ آ ماڳ ۾.

اهو تہ سچي ۽ دانش ذهن جو ڪمال هوندو آهي جو هو پنهنجي اندر منجهہ اوڪيءَ جي انبار کي وساري سجڻ ۽ ساٿيهہ لاءِ هماليہ جهڙو حوصلو کڻي جيئندو آهي. ڏکن ۾ ڏِيَ ٿيندو آهي ۽ پنهنجي کلک سان قوم جا ياڳ لکندو آهي پاڻ انڌيرن ۾ ترسي بہ لکين ڏيئا ڏات جا ٻاري ٻَرندو آهي. سرد جذبن کي اُجلي تخيل تپائي ماحول ۾ ٻُوڻ جهڙا جذبا جرڪائي جيئندو ۽ جيئاريندو آهي. شاهده کوکر پنهنجي ساهَن کان قومي هيرا بہ ڪڏهن پري ناهِن رکيا. قومي ۽ انقلابي راڳي سرمد سنڌيءَ کي پنهنجي بيتن ۾ پوڻ جيان پائيو آهي:

ٻرندا آهن جهنگ جهر سرمد! تنهنجا ٻولَ.

هر دل جا او ڍولَ، مرڻو آهين ڪينڪي!

........

مارن جي هر درد جو، تون ئي آن دارون،

اوڪيءَ ۾ سارون، سرمد! تنهنجون ساهَہ سان.

ڇا جيڪي اسان جي ست مان اجلي اوٽ تي وجن ٿا تن کي وسارڻ وقت جو مياري ٿيڻ ڪونہ آهي!؟ پر هِتي تہ جيئروئي جيئري کي سهي ڪونہ ٿو سگهي خير ”جو وڙ جڙي جن سين“ اهو قول ئي گواهہ آهي هر ڪردار جو! شاهده جي وائيءَ منجهہ بہ وقت جو ويڻ آهي هِن وائيءَ سان بہ خوب ڪان خوب نيايو آهي، اميدن جا اَجها انسان جوڙيندو آهي اميدون ئي انسان کي جستجو ۾ جياپو ڏينديون آهن پر حقيقت جو سڏ بہ ڪوئي لنوائي ڪونہ سگهيو آهي آخر انسان کي فَنا جي پيٽ ۾ دائمي ترسڻو پوي ٿو. اهڙي نِراسائيءَ جي ڪيفيت ۾ شاهده وائي لکي آهي:

ڇڏيون سڀ ڪي هاڻ،

آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي!

سانديِ جيڏيون جيءَ ۾،

موتين جو مهراڻ.

آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي!

اُجلي آسن جون هِتي،

پوشاڪون پهراڻ.

آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي!

يا وري:

آخر ٿي ويندا،

خالي هَٿَ حيات جا!



پار پرينءَ جي شاهده،

ويچارا ويندا.

خالي هَٿَ حيات جا!

هن وائيءَ ۾ شاهده جيڪو استعارو ڏنو آهي، سو سچ تہ ڪمال جو آهي ۽ وراڻي ڪوهَن جي ڪاڪ جڏهن تہ ڪاڪ مومل ۽ راڻي جي رهي آهي تاريخ ۾ پر پيڙائن جا ڦور شاهده کي سسئي جهڙي سِڪَ ۽ اَهنج ڪاڪ ۾ بہ جبل جهڙو جهوراڻو ڏئي ڇورائي ٿو تہ:

سَڏُ سڻي ڪوئي،

ڪوهَن جي هِنَ ڪاڪ ۾!

سور جهليندي ڪيترا؟

لڱن جي لوئي،

ڪوهَن جي هِنَ ڪاڪ ۾!

سنڌوءَ جهڙا لُڙڪ ها،

ڇڏيا ڳلَ ڌوئي.

ڪوهَن جي هِنَ ڪاڪ ۾!

شاهده سنڌي شاعريءَ جي اهم صنف سان ڀرپور نياءُ ڪيو آهي اهو سندس اندر جي اهنجن جو علم آهي جو ڀَچي ڀَچي ڀُڪار بڻجي پئي آهي.

هِنَ تيز تر دوُر ۾ هر ماڻهو پنهنجي پيچرن ۽ پيرن کي ئي ڀَسي جيئي ٿو. ٻين جي ڏکن تي تہ ڇا پر سکن کي بہ نہ ٿو سمجهي سگهي اهڙي ٻوساٽيل پلن ۾ محسوس ڪري ٿي شاهده ۽ ٻيوسيءَ منجهان ڀُڇاڻو پئي ڪري تہ:

نہ تہ حال ڪوئي جو ڄاڻي مٽيءَ جو،
مٽيءَ کي رهيو خوف آ ڇو مٽيءَ جو!؟
مٽيءَ کان سوا ڪجھ نہ سوچي ۽ سمجھي،
وٺي پيد ڄاڻي اگر ڪو مٽيءَ جو!

پنھنجي ديس جي مٽيءَ جي ثنا اهم ڳڻ آهي شعرن ۾ جيڪو پڻ ڳڻ شاهده ڳائيندي نظر اچي پئي:

سنڌ جهڙي مِٽي ٻي نہ ٿيندي مِٺا!
سنڌ جي آ مٽي قرب ڏيندي مِٺا!
سنڌ خاطر جيئڻ پيي سِگهي ڏس سچي،
سنڌ توکي نہ تنها ڇڏيندي مِٺا!

ذات جي فڪر ۾ مگن ماڻهوءَ کان ڌرتيءَ ڏٺين جا درد وسري ويا آهن ۽ سڄي پونءِ اچي غيرن گهيري آهي پر لاشعور جي اُڏامَ هيٺ لهڻ ئي نہ ٿي ڏي بيحسن کي تڏهن شاهده جو قومي جذبو ڦٽڪو ٻڌجي پوي ٿو:

پاڻ لئہ ڇو ٿا جيئو ڌرتي ڇڏي!؟
ڪَن ڏِيو ٿي ديہ ڪان ڌرتي سَڏي!
ڪونہ مايوسي ڪڏهن ايندئي اڳيان،
جيءَ ۾ ڇڏجانءِ تون ڌرتي اَڏي!

..........

اُگهاڙي مَٿي لاءِ پوتي اسان،
اُماوَس اکين منجهہ جوتي اسان!
تہ شعرن تي وهوا زماني ڪئي،
زبان سان حقيقت جو اوتي اسان.

..........

پوڳ دنيا سڄي زندگيءَ جي اڳيان،
ٿي خوشي هارجي هر غميءَ جي اڳيان.
ڪم خدا کان مليو ڏاتِ ڏک، جو سدا،
ڇا الائي مِلي شاعريءَ جي اڳيان!؟

..........

ازل کان اندر ۾ اڪيلا اڪيلا،
اسان دل جي گهر ۾ اڪيلا اڪيلا.
رهون شاهده ٿا پيا مات متڙا،
خدا جي نگر ۾ اڪيلا اڪيلا.

..........

زنده ضمير جَرڪي انسان جي عمل سان،
پئسو ۽ لوھ، لوپي زنگجي وڃي ٿو باقي.

آئون ڪيترا شعر مثال طور پيش ڪريان هر اک جي پنهنجي روشنائي آهي. شاهده ڪوڪر فني توڙي فڪري حوالي سان پختي شاعره آهي آئون ڪيس هھڙو خوبصورت ڪتاب ”هانءُ هاريو مَتان“ آڻڻ تي ڪوڙ ساريون واڌايون ڏيان پئي ۽ اميد پئي ڪريان تہ ان ئي تسلسل سان شعرن جو پورهيو ڪندي رهي، مايوسي ۽ مڪاريءَ کي جوتيءَ سان جلائي جڳ جيئاري، جيئي.

**شبانہ عالماڻي - مورو**

# اُگهاڙي مٿي لاءِ پوتي اسان

شاعري جيڪڏهن عوامي پيغام آهي ته ان جو استعمال به عوامي اسلوب سان هجڻ شرط آهي. شاهده ڪوڪر جو ڪتاب ڪمپوزنگ ڪرڻ دوران آئون پڙهندو به رهيو آهيان. سندس سادا لفظ پر اجرن احساسن جي مالها من موهيندڙ آهي، اڄڪلهه رڳو وزن بحر تي مارا ماري آهي فڪر ڪان مَٿي فني ڏڪاٽڪيءَ کي اهم سمجهو ٿو وڃي جيڪو سراسر غلط آهي. عام پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ اسان ڪان وزن بحر جو پڇاڻو ڪونه ڪندو آهي پر هو پيغام کي پسند ڪندو آهي. مان محترمه شبانه عالماڻيءَ جي هن شعر سان سئو سيڪڙو سهمت آهيان:

رڳو بحر وزن آهي،
فڪر بن فن به فن آهي!؟
نه ٿس جو ويس خيالن جو،
ننگو شعري بدن آهي.

شاهده ڪوڪر چارئي رُخ دنيا جا پنهنجن شعرن ۾ سمايا آهن. جڏهن مون هن جو هڪ شعر پڙهيو ته مون کي شيخ اياز جي احساس جو تسلسل لڳو پڪ ٿي ته وقت ئي وقت ڪان ٿٽي ڪونه ٿو سگهي گهڙين جو ڳاڏو ڦري گهري وري واٽن جون واڳون پاڻ جهلي ٿو. شيخ اياز چوي ٿو:

ڪڪريون منهنجو ويس ميان!



آ اگهاڙو ڪير چوي؟

پوڻءِ واسين جي ساڳي بدحالي ڏسي شاهده جو جيءُ جُهري پوي ٿو اُگهاڙي مٿي مٿان پنهنجو وجود واري ٿي:

اُگهاڙي مَٿي لاءِ پوتي اسان!

شاهده ڪوڪر جي شاعري پڙهڻ دوران اها آساني ضرور آهي ته لفظن جي معنيٰ ڄاڻڻ لاءِ (ڊڪشنري) جي سلامي ڪونه ڪرڻي پوندي، سندس جذبن جي جوتي هميشه جيوَ سان جرڪندي رهي. مان انتظار ڪونه ڪندس ته وقت ثابت ڪندو پر اهوئي چوان ٿو ته وقت ثابت ڪيو آهي ته شاهده اهوئي سور، ساڃاهه سلهاڙيو آهي. آڳرين ۽ امنگن ۾ "هانءُ هاريو مَتان" سندس ڪتاب هر هارايل هينئڙي لاءِ حبيب آهي.

**زبير سومرو - خيرپور**

21_03_2017

پنهنجي پاران

# هانءُ هاريو مَتان!

اڻ ڳڻ زندگيءَ جا رستا ۽ اڻ ڳڻ اميدن جون اکيون جڏهن هن سنسار ۾ وقت سان ڊوڙنديون آهن ته ماڳ جهڙو محبوب ملي ئي پوندو آهي، زندگيءَ جي هٿن تي جيتريون لڪيرون لکيل هونديون آهن ايتريون ئي ڪيفيتون ۽ ڪم انسان اڳيان انوار ٿي پوندا آهن.

مايوسيءَ جي مهٽن اڳيان حوصلن جي هل هلان ئي زندگيءَ جي سڦلتا آهي، ڪالهه ڇا وڃايو؟ اڄ ڇا مليو؟ انهن پلن ڪي ساري سواءِ سڏڪن جي ڪجهه به نه ٿو ملي، بس ڪجهه ملي ڪجهه ڪجي واري واٽ ورتيون وڏڻ سان ئي ڪجهه ملي ٿو پوي. منهنجو پهريون ڪتاب "ريشمي خواب ۽ تنهائي" به منهنجي جذبن جو پورهيو آهي ان منجهان ڇا وريو؟ ڇا ورٽو هو؟ ڇا ورندو؟ اهو ڪونه سوچو آهي بس لوچو ۽ لکيو آهي وقت جي بارگاهه منجهه محفوظ رهندو.

هي منهنجو ٻيو شاعريءَ جو ڳٽڪو آهي "هانءُ هاريو مَتان"



مون جڏهن شيخ اياز جو بيت پڙهيو هو ته ڪجهه به سمجهي نه سگهي هيس ته ڇا واقعي به ايتري لاچاري لُڏي ۽ لمي پئي هر جيءَ جي لڇڻ ويل واٽ تي!؟

جيجل! هاريان آنءُ، هنجون ڪنهن جي هنجَ ۾!؟
ڏُکي سارو ديس آ هر ڪنهن هيٺو هانءُ،
جنهن کي ڏِڍ نه ڏانءُ، سا ڪيئن ڪاٽي ڏينهڙا!؟
(شيخ اياز)

پر اڄ جڏهن اهو حال اکين ڏٺو ته اياز جو تڙپڻ سجايو لڳو اٿم لاشڪ انسان حالتن جي هٿن منجهه سوگهو آهي.

منهنجو پهريون ڪتاب به منهنجي مشاهدن تي قائم آهي. منهنجو ٻيو ڪتاب به ساڳي سٽڪ جو سفر پاسي ٿو، شاعر اهو ڪجهه ئي لکي ٿو جيڪو هُن کي وقت جو ڏاتار ڏيندو رهي ٿو. شاعري ڏسجي، پڙهجي ۽ ٻڌجي ته سوڪيءَ جي ساراهه آهي پر ايذائن ۽ انيائن سان جهيڙيندي جڏهن هڪ سِٽَ به سِٽجي ٿي ته تمام اوکيءَ جو عالم جهاڳڻو پوي ٿو. دنيا جي آرسيءَ ۾ جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي صورت ڏسجي ٿي ته انسان سواءِ ارمانن جي ڪجهه به ڪمائي ڪونه سگهيو آهي پر جڏهن اميدن پريا خماريل نيڻ پوري خوابن سان دم پرواز ڪري ٿو ته سڪن ڪان سواءِ ڪجهه به عمر جي پاند ۾ ناهي رهيو.

بهرحال منهنجو هيءُ ڪتاب "هانءُ هاريو مَتان" اوهان پڙهندڙن جي اکين سان سرِ گفتگو آهي ۽ اوهان ئي عادل آهيو هن جيءَ جي جذبن جا مون ڇا ڪيو؟ ڇو ڪيو؟ ڇالاءِ ڪيو!؟ اوهان ڪان

بهتر ڪونہ ٿو ڄاڻي بسگهي.

آئون بيحد ٿورائتي آهيان انهن سڀني جي جن منهنجي ڪتاب منجهہ لکيو. انتهائي ٿورائتي سرتي شبانہ عالماڻيءَ جي جنهن منهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکيو، محترم آسي زميني، نندلال، زبير سومري، فرزانا شاهين، ڊاڪٽر خادم منگي ۽ جواد جعفري جي پڻ شڪرگذار آهيان جن تاثر لکيا. ان کان علاوہ خاص ٿورا رضوان گل جا جنهن ڪتاب جو سهڻو ٽائيٽل ٺاهيو ۽ تاثر پڻ لکيو. آئون مرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاري جي ٿورائتي آهيان جنهن منهنجو هي ڪتاب سهڻي نموني ڇپائي پڙهندڙن تائين رسايو.

سِڪَ سلامت، سات سلامت
سونهن سلامت، سنڌ سلامت!

**شاهده کوکر**
17_03_2017



# قصيدو

(مولا علي عليہ سلام جي شان ۾)

ناطقِ قرآن آهي ياعلي،
قلب جو ايمان آهي ياعلي.

هارجي منڪر منافق ويا هڙئي،
جيت جو ميدان آهي ياعلي.

بعد محمد جي علي اڳواڻ آ،
هر قدم عمران آهي ياعلي.

تو پسي جلوا خدا جا مست من،
عشق هي سلمان آهي ياعلي.

سنڌ کي لوڏو لهر خطرو نہ ڪو،
پاڻ جو نگران آهي ياعلي.

مشڪلاتن کي ڏسي ڏڄڻو نہ آ،
ساڻ دل! سلطان آهي ياعلي.

”شاهده“ امبر زمين آهي گواهہ،
دين تي احسان آهي ياعلي.


غزل

سورها ساهَه ۾ پوءِ بہ سڏڪا نہ ها،
مات هُئي من اندر پيارَ پِنڪا نہ ها!

دردَ ڳوڙها اکين ۾ بڻيا شاهِدي،
پيارَ ۾ تو ڏنا ڇا هي تحفا نہ ها!؟

رات ڀَر ساهَہ ۾ آهي چُڀندي رهي،
سارَ تنهنجي هئي لوهہ، ڪوڪا نہ ها!

روحَ منهنجي اُٿي رات توکي سڏيو،
شعر منهنجا مگر توڏي پُهتا نہ ها!

سانت جذبا ڪري سرد سارا ڇڏيا،
نيڻ ساڳيا هُئا تن ۾ اُلڪا نہ ها!

وقت جا پيرَ ۽ پنڌ ساڳيو مگر،
جستجو جيءَ سان هيل کُٽڪا نہ ها.

وقت ڪيڏو مَٽائي ڇڏيو ٿئي مٺا!
”شاهده“ لاءِ تو وٽ ڇو دڙڪا نہ ها!؟



وري سمنڊ تان اڄ اُڇارا وَڃون پيا،
اوهان جي بزم مان ڌُڪارا وڃون پيا.

وري ڪونہ وربو اوهان ڏانهن واپس،
اکين ۾ سمايون ستارا وَڃون پيا.

اوهان بي رُخيءَ جي نہ سوغات سونپيو،
ڪري مات مُرڪي خدارا! وڃون پيا.

جيئڻ پوءِ ڪهڙو اسان جو دنيا ۾؟
ڪيو قرب ۾ ٿا ڪنارا، وڃون پيا!

اجل جو سنيهو پُنو پاڻ تائين،
هئا ساهہ بت کي اڌارا وڃون پيا!

ڪري ياد ڪو يا وساري اسان کي،
ڇڏي ”شاهده“ سڀ سهارا وڃون پيا.

ساھُہ توکي جڏھن بہ ساري ٿو!
چينُ سارو اندر جو ماري ٿو!

توکَنن ۾ کَپھہ وِڏي آھي،
روح توکي پيو ٻکاري ٿو!

ڏيل سارو ڏکن ورايو آ،
ھانءُ توريءَ لڙک ھاري ٿو!

او پھيڙا! اڄان نہ تون آئين،
آسرو روز ديپ ٻاري ٿو!

”شاھده“ کُنَ کدورتن مان پي،
پيار ٻيڙو عمر جو تاري ٿو!



آئون تہ تنھنجي ٻانھي آھيان،
توسان کھڙو سينو ساھيان!؟

مند مينھوَڳيءَ ۾ او سائين،
توسان آنءُ ملڻ ٿي چاھيان.

تنھنجي پيارَ ۾ منھنجا پيارا،
گيت غزل مان ويٺي ٺاھيان.

توکي آئون وساري ڇڏيان،
آئون تہ اھڙي پيارا ناھيان.

تنھنجي ڳڻتين ۾ او ساجن،
ڳاراٽن جو ڳاھُہ ٿي ڳاھيان.

هيءَ اڪيلي هاءِ حياتي،
تڙپي تنهنجي لاءِ حياتي!

موت مِٺو پيو اڄڪو آهي،
ڪو دم آهين ڳاءِ حياتي!

رنج رساما ڪنهن سان ڪهڙا!؟
روحَ رُتا پرچاءِ حياتي!

وات ٻَڌي چو ويٺي آهين!؟
جذبن کي جُهوماءِ حياتي!

روليندئي هي رڻ پوچا ٿيوا؟
پيچُ پُنهونءَ سان پاءِ حياتي!

توبِن تنهنجون ڳالهيون رهنديون،
جيءُ نه ڪو ايذاءِ حياتي!



نينهن نچائي رڳ رڳ پنهنجي،
تن من کي گرماءِ حياتي!

ڳولڻ ۾ ئي سڀ ڪجهه آهي،
مفت نه ويل وڃاءِ حياتي!

آگم آگم اڪڙيون تنهنجون
ٿر ٻر خوب وساءِ حياتي!

سونهن ٻحر ۾ تر تر تر تر،
ڦور نه ساهه سڪاءِ حياتي!

سهڻل کان سوغات ملي آ،
سڀ کان سور لڪاءِ حياتي!

"شاهده" پيار سوا ڪجهه ڪونهي،
لوڪن کي سمجهاءِ حياتي!

حياتيءَ جي هوندي وساريا ويا هُون،
اوهان جي دلين مان ڌڪاريا ويا هُون!

اسان پَن وڻ جو هئاسين دنيا ۾،
وريو واءُ پل سان ٻهاريا ويا هُون.

وساري ڇڏيو لوڪ آهي ته ڇاهي!؟
مٽيءَ ماءُ ڪان پر سنڀاريا ويا هُون!

اسان هيٺ پنهنجا وِڇاڻا وِڇايا،
وري پِي اگهڻ تان اٿاريا ويا هُون.

اڃان ساهَه آهن نه ساريو اوهان ٿا،
اڳي موت ڪان ڄڻ ته ماريا ويا هُون.

وري "شاهده" وهم دل ۾ اٿيو آ،
لڳي ٿو اوهان ڪان ڀڪاريا ويا هُون!



نگاهون سڏن ٿيون نظارا سڏن ٿا،
گهڻي دير ڪان پيار، پيارا سڏن ٿا!

نه ٿو جيءُ ڌرتي ڇڏي ويلَ ڪائي،
انبر تان اکين کي ستارا سڏن ٿا!

مٺي ماٺ آهي، زبان سانت پنهنجي،
اکين کي اکين جا اشارا سڏن ٿا!

وڃي ڏور ڏاڍو، وَسايو اَجهو ٿي،
مگر توکي هي پوهَه پارا سڏن ٿا!

اوهان سونهن جو سمنڊ آهيو او سائين،
اوهان کي سڪايل اُڃارا سڏن ٿا!

ٻڌي دانهن ٿو ڪونه ڪنهن جي به دل جي،
خدا، ساهه توکي ڏڪارا سڏن ٿا!

وڃي ٿو وسايو شهر شور وارو،
وري وَرُ توکي ڳوٺ وارا سڏن ٿا!

ڇڏي ڪيئن فطرت وڃان "شاهده" مان؟
سنڌوءَ جا سياڳا ڪِنارا سڏن ٿا!

عشق پنهنجو جوان آ جاني!
هر قدم تيو آسان آ جاني!

شعر منهنجن ۾ لفظ ٿو تورين،
هي اندر جو بيان آ جاني!

عشق ۾ ٻيو جُڳت نہ ٿو گهرجي!
ڀونءِ گڏ آسمان آ جاني!



آءُ تو لاءِ منتظر آ دل،
پنهنجو هي آستان آ جاني!
ڏيهَہ ساري کي گهر عطا ٿو ڪري،
پاڻ سو لامڪان آ جاني!

هانءُ هارڻ جون ڳالهيون نہ ڪيو،
زندگي ۽ زمان آ جاني!

ڇو ٻڌائي روئارجي توکي،
درد جو داستان آ جاني!

آ پرائي پچار ۾ ماڻهو،
وقت جو هيءُ زيان آ جاني!

پير هلندا هلن اڳي پنهنجا،
ڇا خبر ڪِٿِ مڪان آ جاني!؟

نيڻ منهنجا سجود ۾ آهن،
سونهن تنهنجي سبحان آ جاني!

نيڻن ۾ نَمي آهي مَنَ تنهنجي ڪَمي آهي،
دوريءَ جي گهڙي هرڪا ٽي جند جان ڏاهي.

سنسار ۾ گهڻا ئي سرواڻ سونهن وارا،
هيءَ دل فقط نماڻا! هر ويل توکي چاهي.

هر ساهَ ۾ تون آهين مون سان تنوارَ وانگي،
توريءَ تات دل کي دلدار ڪنهن جي ناهي.

هي وقت پيي قهر آ، توريءَ جو پهر آ،
وِکَ وِکَ حيات منهنجي ڳَٽين ۾ ڳاهه ڳاهي.

ڪاڏي وڃين پيو ٿو، توکي نه ڇاڻ تنهنجي،
پٽڪي ٻِلي ويو آن، انسانَ، توکي چاهي!؟

سچ لئه هزار سوليون هر دوُر ۾ رهيون هِن،
ڪنهن دوُرَ ۾ نه ڪوڙو ڪنهن ويل چڙهيو ڦاهي.



توکان گهران ٿي پاڻي ناياب ڏي مٽا!
جيڪو ڪسي حياتي سو آب ڏي مٽا!

تون روپ پنهنجو آڻي دلدار اڳيان ڏي،
توکي ڪِٿي چوان ٿي مهتاب ڏي مٽا!

توکي ڏسن نگاهون هر هر جُهڪيو پوَن،
اهڙو عمر سموري آداب ڏي مٽا!

توکان شهر خوشين جو طلبيان نه ٿي پرين،
مون کي سدا ڏکن جو تون باب ڏي مٽا!

ويساهَ جي اکين کي پوندو نه ڪو پَتو،
پل پيارَ جي دڳن تي دولاب ڏي مٽا!

هر ويل آئون اُجڙي جيئنديس ته ڇا ٿيو،
محبت ۾ پل نه ڪو پل شاداب ڏي مٽا!

رڳَ رڳَ رِڃي پوي ٿي احساس جي اَلا،
ڏي ڪين تلخين جو او تاب تون مٽا!

روح آهي رڙيو روهَہ جي راڳ ۾،
چين هوندو نہ آ آڳ سان جاڳ ۾!

هانءُ هاريو متان مشڪلاتون ڏسي،
چار باقي وِڪون چينُ آ ماڳَ ۾!

ساھ سنتوش ماڻيندو پنهنجو مِتا،
وچ نہ هتڙان اُتي ويهہ، ويراڳ ۾!

ڦول پيلا لڳا زندگيءَ وانگيان،
سوچ اٽڪي پئي اڄ سرنهن ساڳ ۾!

تو زمانا! پچارون اڃايون ڪيون،
عمر هن جي وئي هارجي ڏاڳ ۾!

ڪوڙ اُلڪا هئا سُور سڏڪا هئا،
آهي سيڪي سَتو زندگيءَ جهاڳ ۾!



ستم سُور تنهنجا سهون ٿا اڃان،
الا من اندر ۾ ڊهون ٿا اڃان!

اوهان ڪان پري زندگي ٿي ڦِڪي،
اڪيلا اڪيلا ٿهون ٿا اڃان!؟

اسان ڪونہ ٿڪجي رُناسين ڪِٿي،
پَيا وقت وانگي وَهون ٿا اڃان!

اسان کي اسان جو پتو ڪونہ آ،
الائي تہ ڪاٿي رهون ٿا اڃان!

دوست! توکان جو ڏارَ آهيان مان،
جڻ تہ جيئري مزار آهيان مان!

ساڙ جي باهہ ڪونہ آ مون ۾،
نينهن واري نهارَ آهيان مان!

هانءُ آڪاش جو پئي ڦاڙيان،
دل دکيءَ جي پڪار آهيان مان!

موت ماري نہ ٿو سگهي مون کي،
چوتہ سانگين جي سارَ آهيان مان!

چو پيو ويجهڙو اچين منهنجي،
هر قدم هار هار آهيان مان!



ٿي ڀران واءُ ۾ ازل کان ئي،
شاعريءَ جي اُڏار آهيان مان!
ڪونہ ميهر وري مليو ڪوئي،
اڄ جي سهڻي ميهار! آهيان مان.

سورن واري فضا پري آهي،
ها دلين جي بهارَ آهيان مان!

ساهہ ساري ڪڏهن ٿَڪي پوندئي،
نيٺ ٿيڻي ويسار آهيان مان!

جاچ مون کي نہ تون زماني ۾،
ڪل عجب جا آثار آهيان مان!

عمر تنهنجي سڄي وهي ويندي،
تيز سنڌوءَ جي تارَ آهيان مان!

ڪو ڪدورت سان ڪين پيئي جو،
پيار ئي پيار آهيان مان!

مان دلين کي سدا پئي جوڙيان،

سڄڻ! سڀ ساٿ ساري آ،
وري ويســـاهـــہ لاري آ!

سڪن هِت گوُنڄ هَن ڪيِيا،
ڏکن ڪي هيل ماري آ!

اِجهو ساپيان ٿيا سارا،
اکين ۾ خواب تاري آ!

ڪدورت کي وِجي هڻ ڪَڏ،
نہ هرگز هيج ٽاري آ!

اسان منصور ماڻهو هُون،
ٻلي سولي سنواري آ!



ساٿَ سارا ڇِني سارَ ڇو ٿو ڏئين!؟
عمر کي هر قدم هارَ ڇو ٿو ڏئين!؟

بي ستي زندگي تو سِوا آ ٻَڌي،
فرقتن جا مٿان بار ڇو ٿو ڏئين!؟

درد دلبرا ڏنئي مون صبر سان سَٺا،
بي رخيءَ جي سزا ڌار ڇو ٿو ڏئين!؟

جنهن ۾ احسان آهن سمايا ويا،
موهہ مهڻن ڀريا پيارَ ڇو ٿو ڏئين!؟

اُلجهندي روز ٿي زندگاني وڃي،
هجر جا دلربا، ڇار ڇو ٿو ڏئين!؟

سونهن سيما سچو آر تون پار تون،
هانءُ هِردي سندو ٺارُ تون هارُ تون.

هانوَ جي تون هِندوري ۾ لُڏندو رهين،
کونہ ٿيندين ڪڏهن بوجُهہ تون بارُ تون.

نيڻ تو ۾ ٽِڪائي رکان عمر ڀر،
قلب جي ڪاڪ جو قرب تون پيار تون.



آسَ تون پياسَ تون سارَ وشواسَ تون،
عشق آڪاس تون منهنجو سنسار تون.
سور ڏي ڀور ڏي گهاءَ، ايذاءَ ڏي،
دل چئو دانهون ڪري ڏات ڏاتارُ تون!؟

خوش ٿين ڪي ڏسي تون سڙين ٿو پيو،
توکي چونديس اِهو ذهني بيمار تون.

سونهن ساڃاهہ تون عشق جي راهَہ تون،
تون چِٽو آن چٽو عين انوار تون.

ماٺ تون مونجهہ تون دانهن تون گونجَ تون،
هر قدم تي مٿا! منهنجو ڪم ڪار تون.

تو ۾ تهذيب آهي سڄي سنڌ جي،
ورق تاريخ جا تو ۾ آثار تون.

پيارَ جي پيچرن ڪي چڙهين ئي نہ ٿي،
”شاهده“! پيئي سڏجين گنهگار تون.

هي جهانُ ٿنهنجو پرين ۽ هُو جهان تنهنجو پرين!
خيال جو دل ۾ رهي ٿو ڪاروان تنهنجو پرين!

آهي نيڻن ۾ سمايو زندگيءَ هر جاءِ تي،
لوڪ ٿو پڙهندو رهي دک داستان تنهنجو پرين!

هي رکي جايون نہ ڏيندو غير کي ڪنهن جاءِ تي،
هانءُ هردو آ، ازل کان آستان تنهنجو پرين!

پيونءِ دردن جي رهي آهيان سدائين آنءُ ٿي،
ساءُ سک جو ٿو رهي هو آسمان تنهنجو پرين!



ڏات ۽ حوصلو آ کُٽي ئي نہ ٿو،
ساهَہ جو سلسلو آ کُٽي ئي نہ ٿو.

راهہ رڳ رڳ جي ورتيون وجي ٿو پيو،
درد جو قافلو آ کُٽي ئي نہ ٿو.

چار ڳوڙها ڏيئي چار مرڪون ڏيئي،
عشق جو معاملو آ کُٽي ئي نہ ٿو.

ذهن ٿڪجي پيو خيال سارا متا،
ماٺ جو مرحلو آ کُٽي ئي نہ ٿو.

هر گهڙي ساهہ اٽڪا ورائي ويا،
عمر جو ولولو آ کُٽي ئي نہ ٿو.

با وفا يا بي وفا ليڪا نہ ڪِيا،
پاڻ توسان دلربا! ليڪا نہ ڪِيا.

ڏنجهہ آيا ڏات وانگي ساهَہ ڏي،
قلب سان قربن ڪنا ليڪا نہ ڪِيا.

نعمتون هِن اڻڳڻيون تو ئي ڏنيون،
خلق سان تو هِن خدا! ليڪا نہ ڪِيا.

تو ڏنا ڏکڙا ڪِلي خوش ٿي ڪنيا،
قرب ۾ توسان مٺا! ليڪا نہ ڪِيا.

جيءَ کي جذبا رهيو ڏيندو سَدا،
سونهن واري ديوتا ليڪا نہ ڪِيا.



هلي آ دلربا مون ڏي حياتي ڪو پهر آهي،
سِوا تنهنجي گهڙي هرڪا الا گذري زهر آهي.

نہ ڪاٿو ڪو ڪري سگهندو مٺا هن سور منهنجن جو،
ڪٿان ٿي ساهہ سپ سوڳي عجب اوکو بحر آهي.

سڏي دل سور ۾ سڏڪي ڪنائي ڪونہ ٿو ڪوئي،
هزارين حيرتون آهن پٽر جهڙو شهر آهي!

اداسين سان اڪيلي مان ڪيان ڳالهيون پئي مٺڙا،
سکن جون ساوَڪون ناهِن ڏکن جو هي شجر آهي.

نہ هي ساهہ آ تو سجاتو اوهان،
ڳنڍيو ڪونہ هو نينهن ناتو اوهان.

تہ نيڻن مان ڇڙڪار وسندا رهيا،
اڇي من اڱڻ پير پاتو اوهان.

اسين اڄ اوهان ڪان پري ٿُون پري،
اسان لاءِ ڇو گيت ڳاتو اوهان!؟

رڳو درد دل هي خريدي پئي،
مٺا! پاڻ ڪولي ويا ڪاتو اوهان.



ڏکي دل جي جڳ ۾ صدا ڪو پهر آ،
جفا ڪو پهر آ وَفا ڪو پهر آ.

وَڄي نيٺ آگهندي اها عرش ڏي ئي،
رَڙي فرش تي جا دعا ڪو پهر آ.

پَيا سُورَ ارپيو سدائين اسان کي،
اوهان جي هي سياڳي سخا ڪو پهر آ.

اوهان رنج ڇو ٿا رهو قرب ۾ پيي،
ڪئي پيار واري خطا ڪو پهر آ.

وري ڀِٽَ ٿيندي وَري ساهہ گُهٽبو،
ميان! پيارَ واري هَوا ڪو پهر آ.

اوهان جي لبن تي اسان جون پچارون،
ڪڏهن هِن سنپارون ڪڏهن هِن مَيارون.

وئي عمر گذري اميدن جي لاري،
ڏسن ٿيون اوهان لئہ نهارون اسان جون.

سڌن ٿيون اوهان کي رکي چپ جا تالا،
عجب جهڙيون گونگيون اکين جون پڪارون.

زمانو سمورو اوهان جيتيو پل،
اسان لاءِ رکجو هڙئي هيج هارون.

اوهان جون سنپارون اُٿيون رات ساري،
رُنو جيءُ جيڏا! ڏئي اوڇنگارون.



دلربا دلربا ڳار ڳارا نہ ڏي،
او متا او متا! ڳار ڳارا نہ ڏي.

چين مون کان ڪَسي جاڳ تو آ ڏني،
هي وچوڙا اَلا ڳار ڳارا نہ ڏي.

آهَہ نڪري پئي اهنج ۾ اوڪَ ۾،
قلب جي سُڻ صَدا ڳار ڳارا نہ ڏي.

هيءُ سنسار هاڻي وڻي ئي نہ ٿو،
زندگي ٿي خفا ڳار ڳارا نہ ڏي.

ڪير توکان گهري ٿو ڪٽي چين ڏي،
ڏِجُ نہ ڏک جي دوا ڳار ڳارا نہ ڏي.

تو سوا هر پهر ويلُ محشر هئو،
سُوچا چا سَتا ڳار ڳارا نہ ڏي.

نور ۾ آب ناهي اکين ۾ رهيو،
نيڻ روئي ٿَڪا ڳار ڳارا نہ ڏي.

جاءِ ان تي اسانجو بسيرو نہ هو،
جِت بہ اٽڪيو اکين سان انڌيرو نہ هو!

لوڪ الزام ڏيندو رهيو هر گهڙي،
سور اهڙو سَٺو هڪڙو پيرو نہ هو!

هيءَ ادب جي دنيا آ غضب جي دنيا،
شخص ڪو ڪو اندر منجهہ ميرو نہ هو!

آسَ جا آسرا جيءَ ۾ پئي پَليا،
اوڏڙو پر اکين جي سويرو نہ هو!

باغ ۾ هُل هو ڪانوَ ڪان ڪان رُڳو،
ڪُوڪَ ڪوئل هئي ورد ڳيرو نہ هو!



پَيا پيار مان اچ پڪاريو پرين!
نہ ويندن ڪي ڏگ ۾ بيهاريو پرين!

وري ڇو سنيپارون اسان لاءِ هِن!؟
اوهان جو اسان کي وساريو پرين!

اسان هو اوهان ڏي اچڻ جي گهريو،
اوهان دل جي در تان ڌڪاريو پرين!

ويو وقت گذري ويو سور پيي،
اوهان ريءَ جيڪو گذاريو پرين!

پنڌ برهہ جا اوکا ناهِن،
درد هزارين دوکا ناهن!

سارون آهن چُپيندون مَنَ ۾ ،
کاتيون ناهِن کوکا ناهِن!

دانهون آهن منهنجي دل جون،
بازرِ وارا هوکا ناهِن!

شعرن ۾ آ جذبن جوتي،
اونداهيءَ جا ڀُلکا ناهِن!



پيارَجي آهي صدوري هر گهڙي،
پيار ۾ آهي اسان جي بندگي!

مرڪ ٿورو آنءُ موتي ميڙيان،
ٿي نہ تون مايوس مُنڙي زندگي!

سور ٿيا سنجيدگي هن ساهہ لئہ،
ٿي پيا احساس دل جا شاعري.

نہ ٿو حال ڪوئي جو ڄاڻي مٽيءَ جو!؟
مٽيءَ کي رهيو خوف آ ڇو مٽيءَ جو!؟

مٽيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ سوچي ۽ سمجهي،
وٺي پيد ڄاڻي اگر ڪو مٽيءَ جو!

بڻايو سمورو اهو پاڻ راڻل،
ازل کان جڳت آهي لوڪو! مٽيءَ جو!

اُٿي روح مان رات آواز آيو.
مٽي ٿي ڪنائي او هوڪو مٽيءَ جو!

ويو ساهہ ڳيرو اڏاڻو اکين مان،
مٽيءَ منجهہ پوريو ويو بوتو مٽيءَ جو!



سنڌ جهڙي مٽي ٻي نہ ٿيندي مٽا!
سنڌ جي آ مٽي قرب ڏيندي مٽا!

سنڌ خاطر جيئڻ پيي سِکي ڏس سچي،
سنڌ توکي نہ تنها ڇڏيندي مٽا!

ڪجهہ ڪري وٺ اڃان دم سهارو اٿئي،
چار پل عمر پو ڏُورُ ويندي مٽا!

قلب جو پاڻ کولي تہ دروازو رک،
سنڌ جهوپا انهيءَ ۾ اڏيندي مٽا!

ساهہُ سِرُ سنڌ ڏي نيت سُرندا سپئي،
سنڌ سُڌڪي جڏهن خود سڏيندي مٽا!

اگهاڙي مٿي لاءِ پوتي اسان،
اماوس اکين منجهہ جوتي اسان!

ڪٺي چار احساس روئي ڏنو،
سندي دل ايئين روز ڌوتي اسان!

تہ شعرن تي وهوا زماني ڪئي،
زبان سان حقيقت جو اوتي اسان!



پاڻ لئہ چوٽا جيئو ڌرتي ڇڏي!؟
ڪَنُ ڏيو ٿي دير ڪان ڌرتي سڏي!

ڇو پيا هجرت ڪيو هِن شهر مان،
ڪونہ ٿي ڪاڏي ڪڏهن ڌرتي لَڏي!

ڪونہ مايوسي ڪڏهن ايندئي اڳيان،
جيءَ ۾ ڇڏجانءِ تون ڌرتي اڏي!

ڇو وٺيون انسان! تنهنجي سوچ ۾ ؟
روز ٿي انسان سڀ ڌرتي گڏي!

نہ ٿي جهليانءِ او پرين! مَران تہ پوءِ وسارجان،
اڃان تہ ساهہ ٿي کَڻان، اڃان پيو سنڀارجان!

اماس جيءَ سان ڏسين اکيون نِراس جي ٿين،
تہ ديپ پيارَ جا ڪٽي گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ ٻارجان.

جهانَ ۾ سڄڻ! ڪِٿي سڄڻ جي توتي ساڙَ ۾،
حيات هر قدم مگر ڪِلي پيو گذارجان!



ناهي ڪو هي دوکو جاني؟
عشق ڏنو اُت هوکو جاني!

نيرَ اکين ۾ سور اندر ۾،
ارپيو تو هي تحفو جاني!

جذبا ناهِن جيءَ مٺي سان،
ماڻهو خالي ڪوکو جاني!

اجرا ميرا جيءَ مٺيءَ ۾،
پوءِ وڏائي ڇو ڇو جاني!؟

آهي پنهنجو پيار پرين!
ويري ٿيو سنسار پرين!

توبن حالَ وڃايا هِن،
تون ئي آن غمخوار پرين!

توبن جيوَن تنها هي،
ڏک جو دل تي بار پرين!

آءُ، کري ٿو دائم پيو،
موت ازل کان وار پرين!



الفت ۾ اقرار نہ چاتي،
اکڙين جو اظهار نہ چاتي.

توبن دم دم گذري غم سان،
ويل ورهہ جو بار نہ چاتي.

لفظن کي مون جوڙيو تولئہ،
جذبن جو پر هار نہ چاتي.

دوريون ويل ملڻ جي آيون،
قربن جو سنسار نہ چاتي.

پرين جي پرڇانوَ آهن،
ويا وڇڙي الا آهن.

اوهان جي مرڪ ۾ جانان!
هزارين آسرا آهن.

رهو ٿا روحَ ۾ راڻا،
اکين جا فاصلا آهن.

ڏکن ۾ ٿڪ سڀ تنهنجا،
اسان لئه حوصلا آهن.



تو سِوا دلربا آسرا آسرا،
هر قدم پرڇانوَ آسرا آسرا.

نيڻ اُلڪا ڀڻيا، ساهه سڏڪا ڀڻيا،
مشڪلون معاملا، آسرا آسرا.

وقت آندو ڪِٿي دوست! توکي ڪٿي،
ڪونه ٿيا معجزا آسرا آسرا.

هي دلاسا ڏئي جڻ جيئارن پيا،
عمر ڪي پل مٽا! آسرا آسرا.

ڪاش تقدير منهنجي مٽائين ڪٽي،
دل ۾ تنهنجا خدا! آسرا آسرا.

قلب جي راهہ تان ٿا لنگهيندا وڃن،
هي وَڏا قافلا آسرا آسرا.

عمر گهٽجي پئي ڪونہ گهٽجن پيا،
فرقتون فاصلا آسرا آسرا.

دل کي ڏيندا ڪروڙين دلاسا رهيا،



پوڳ دنيا سڄي زندگيءَ جي اڳيان،
ٿي خوشي هارجي هر غميءَ جي اڳيان!

ناوَ ويساهَہ جي! تون اڪارج اڳي،
پار آهي پرينءَ جو نديءَ جي اڳيان!

ڪم خدا کان مليو ذات ڏک جو سدا،
ڇا الائي ملي شاعريءَ جي اڳيان!؟

سال صدين جو سارو سفر ٿو ڪُٽي،
موت جي مامري اُف گهڙيءَ جي اڳيان!

آهي اونداهہ ۾ سور سان ڪيو سفر،
روشني شل هجي غم گهٽيءَ جي اڳيان!

"شاهده"! پير سوچي ڪٽين ڪونہ ٿي،
دشمني ٿي اچئي دوستيءَ جي اڳيان!

* پلوڙ شاعر پنهل جي غزل کان متاثر ٿي لکيل

اَک ۾ سرهائي اندر ۾ سوڳ آ،

لوڪ سارو دغا ٿو ڪري،
ڪير ڪنهن سان وفا ٿو ڪري!؟

آدمي پاڻ سان ٿو ڪري،
ڪو نہ ڪنهن سان خدا ٿو ڪري!

ڏيهہ ۾ ڏس هو پاپي پلي،
پاپ ڪيڏا مٿا ٿو ڪري!

قرب سوري پيو پاڻ ڏي،
ساڙ جڳ لئہ ڳنا ٿو ڪري!

بيوفائي ڪري ٿو عمل،
وقت سپ سان وفا ٿو ڪري!

هي اداسي اکين کي پيو،
ڪير ويتو عطا ٿو ڪري!؟

سور چونڊي پيو هر قدم،
جيئڙو هاءِ ڇا ٿو ڪري!؟

”شاهده“ لوڪ جذبات جي،



اسان جي پُڪي ۾ گَسيري دنيا،
اوهان کي مبارڪ پليري دنيا!

اوهان روشنيءَ ۾ وَسو پِيا وَسو،
اسان کي اکين تي انڌيري دنيا!

اسان پيارَ پاسو ڇڏيون ڪو نہ ٿا،
ازل کان اسان لاءِ ويري دنيا!

رُڳو ساڙ ساندييون وَتي جيءَ سان،
نہ ڪنهن ڪاڻ ٿيندي هي خيري دنيا!

مَري سارا احساس هُنَ جا ويا،
ڇوَن ٿا وَري پِي آ جيري دنيا!

انهيءَ ۾ اُميدون بہ کهڙيون رکان؟
جَلي آهي ٿي ڇار ڪيري دنيا!

مشڪلاتن ۾ ڪير ڪونهي ڪو،
خوف ۾ پوپيي پير ڪونهي ڪو!

پاڻ سان پاڻ جنگ آ جاري،
ڪنهن ٻئي ساڻ وير ڪونهي ڪو!

آءُ هاڻي پنهون! مِلون مرڪي،
پاڻ وچ ۾ ڪو ڏير ڪونهي ڪو!

زور سان ٿيون وِڇون وَسن مون تي،
دل ڏکيءَ ڏانهن خير ڪونهي ڪو!

چونڊ ٻارين ٿو ذات ڏاتر جي؟
ديسَ ۾ ڇا انڌير ڪونهي ڪو!؟

هي وڏائي فنا فنا ٿيندي،
ڪومتيءَ ڪان مٿير ڪونهي ڪو!



رڻ ۾ روح رَڙي ٿو راڻا! موٽي آءُ،
دل جو ديپ ٻَري ٿو راڻا! موٽي آءُ

توکي ڪوئي پنهنجو ساري آڌيءَ رات،
توکي ياد ڪري ٿو راڻا! موٽي آءُ

ايڏا ويڇا! ڇا جا ويڇا؟ ڇوهي ويڇا؟
ڪوئي مفت مري ٿو راڻا! موٽي آءُ

اڪ جي اُپَ تي گهُوري ڏسجان گهور ٿيانءِ،
ڪوسو لڙڪ ترِي ٿو راڻا! موٽي آءُ

ڏنجھہ سموري ذات اسان جي،
منٺڙي منٺڙا! بات اسان جي.

ايندي ھوندي پار اوھان جي،
ڪاش سڄاڻو تات اسان جي.

چين اوھان کي پل پل ڏي جا،
سمجھو سا سوغات اسان جي.

جھڙو تھڙو گھاريون جيوَن،
ڪين ڪيو فڪرات اسان جي.

ڏينھن سکن جا دوست! اوھان لئہ،
لڇ پڇ واري رات اسان جي.

پاڻ وساريل جيءَ جڳت ڪان،
ڪير ڪري ذڪرات اسان جي.



نينھن ھٽي ويو نيل او آيل!
ھيلَ وڏي ويا ويلَ او آيل!

ڪو دم مرڪان ڪو دم سڏڪان،
جيوَن جا سڀ ڪيلَ او آيل!

اوسيئڙا ھِنَ جيءَ جڏي سان،
مارون ايندا ھيلَ او آيل!

سک جو ڪونھي تيلو مَنَ ۾،
سور ڪري ويو پيلَ او آيل!

سکَ ڦري ويا سارا دل جا،
درد ٿيا ذاڙيل او آيل!

باندي منھنجا جذبا آھن،
جيوَن ڪاٿي جيل او آيل!

تنهنجي آهن شهر ۾ پيا پيرڙا،
ياد جي پل پهر ۾ پيا پيرڙا.

تاس تپندي وئي جند ڏکندي وئي،
جڻ ڏڪاريل ها ٿر ۾ پيا پيرڙا.

ڪا وسئنءَ ڪونه آ منهنجي نيڻن اڳيان،
اوچتو ڪيئن بر ۾ پيا پيرڙا؟

آس تڙپي پئي ڪاش اڏري وڃان،
هاءِ ڏک جي ڏهر ۾ پيا پيرڙا.

زندگيءَ ۾ وري زندگي وئي اچي،
پنهنجا سڪ جي سحر ۾ پيا پيرڙا.

تون نه آئين نظر جيءُ جهرندو رهيو،



خدا ڄاڻي وري ملبو نه ملبو،
مگر مرڪي ڪيون اڄ موڪلاڻي.

زماني ۾ سدائين ڳالهه رهندي،
محبت جي نه ٿيندي من پڄاڻي.

سپيتا تو وساري ڇو ڇڏي آ،
وتي تو واٽ ڪهڙي آ سنڌياڻي!؟

وري تولئه پريون اکڙيون الاڙي،
وري تولئه آ تن من تانگهه تاڻي.

ڀِيائيءَ جي نه ٿا ڀولي سڃاڻون،
طبيعت آهي پنهنجي عارفاڻي.

نه آيو چين جو پل زندگيءَ ۾،
سدائين جندڙي پنهنجي سڪاڻي.

اهي هر روز جا تڪرار ڇالاءِ؟
ڪيون ٿا پيار ۾ اڄ هڪ هڪاڻي.

وري پوتار بنگلي تي پڌون ٿا،
وري ڪا ڏيئڙي آهي وِڪاڻي.

ڪو خاصي آ ڪو عامي آ،
پنهنجي سوچ عوامي آ.

ڌرتيءَ لئه توجو نه ڪري،
تِنهن جي سوچ حرامي آ.

پنهنجا جذبا آجا هِن،
نا منظور غلامي آ.

سگريون سگريون هَئه انياءَ،
ڌرتي ٿامو ٿامي آ.

ڏند چٻاڙي سگهندا ڪيئن؟
ڌرتي ڪِٽ بادامي آ.

شاعر تنهنجو وهم اِهو،
شعر نه ڪو الهامي آ.

”شاهده“ کهڙو حال ڏسيان،



سُورَ تي سُور سُور ٿيندا سين،
دوست کان دور دور ٿيندا سين.

ويج پي بي وَسا بڻي پوندا،
جنهن گهڙيءَ چُور چُور ٿيندا سين.

پوءِ چاڙي هَوا هلي ويندي،
عمر وڻ، ٻُور ٻُور ٿيندا سين.

ڪوئي ويجهو ٿيڻ به چاهيندو،
پاڻ پر ڏُور ڏُور ٿيندا سين.

حيات هڪڙي هزار اُلڪا،
مليا سموري ڄمار اُلڪا.

اسان جي خاموش مَنَ کي ڏيئي،
وئي پرينءَ جي پُڪار اُلڪا.

جهانَ جي جهنجهٽن سان جهيڙيون،
اوهان جا آهن هي ڏار اُلڪا.

ٽڪائي ساڻو بدن ڪري ويا،
اسان لئہ بڻيا خمار اُلڪا.

بچي بچي ٿا وڃون الئہ ڪيئن!؟
حيات ڪنڌ تي ترار اُلڪا،

سڪون سارو ڪٽي وِيا هِن،
ڪِٿي ٿا آچِن قرار اُلڪا!؟



خواهشن سان سچو پيار ٿيندو نہ آ،
پيار ليڪن سچو ٻار ٿيندو نہ آ.

عشق جي جو سَڻُن مان سبق ٿو سِکي،
مرد مانجهي اهو ٻار ٿيندو نہ آ.

سو نہ رولاڪين سان رُلي ٿو سَدا،
روح جنهن جي جو هڪ پار ٿيندو نہ آ.

ٻجي ڪونہ ڪنهن ڪان حياتي گهري،
ڪنيا ساهَہ پنهنجا سدائين سري.

ڏني نندَ پنهنجي اوهان کي پرين،
اوهان ڪان ڪِٿي ننڊ آهي ڦُري!؟

گمانن اڇي جو وسايا پٿر،
ٻُجهڳي ميڻ جهڙي سندم دل ٻُجهري.

وري ساهہ سوڳي سڄڻ ٿي پيو!
وري تات تنهنجي اندر ۾ هُري.

گهڙي هر گهڙي لئہ سٺا گهاوَ مون،
جدائي اوهان جي وڍي ڄڻ ڇُري،

اوهان جو شهر شان شانائتو.
اسان جي آ نگري اوهان لئہ ٻُري،

رڳو ذات ۾ تات چرڪي پئي،
ڪٿي سنڌ لئہ شاعري ڪا ٻُري!

اوهان جو ٻڌي نانءُ تڙپڻ لڳي،
وري اڌ مئي جندڙي آ ڇَري.



ايذائيندڙ ساهَہ وَڌي ويا،
پير وڏيرا شاهہ وڌي ويا.

لُڙهندا پنهنجا خواب وڃن ٿا،
دردن جا درياهَہ وڌي ويا.

پير اگهاڙا ڏينهن تَتو آ،
اوکا رستا آهہ وڌي ويا.

ماڻهو ماڻهوءَ لاءِ حقارت،
مايا! توسان چاهہ وڌي ويا.

تنهنجي سارُن پير جهليا هِن،
پيارا! آءُ پساهہ وڌي ويا.

ٻيون ساعتون سڀ وساريون ڪراچي،
گهڙيون چار توسان جو گهاريون ڪراچي!

سکن ساڻ سانگي وسن ها سمورا،
اچن ڪينَ قومون ها ڌاريون ڪراچي!

وري مورڙو ڪو ڦٽي پئي اسان مان،
وري ڪو ته ٻارڻ ٻه ٻاريون ڪراچي!

خوشبوءِ ڪلاچيءَ جي تومان اچي ٿي،
اجهان ٿورو گڏ گذاريون ڪراچي!

ڪسي روشنيون ڪير توکان ويو آ!؟
رهيون راتيون توسان ڪاريون ڪراچي!



آڪاش تي پنيون هِن ارمان جون صدائون،
انسان ٿو لنوائي انسان جون صدائون.

بيڏوهه ڪنهن جلايون هڏڙيون غريب جيءَ سان،
ڌرتي ڏڏي آ ٻڌندي شمشان جون صدائون!

چالاڪ ڏيهه ڪاٿي سمجهي سڻي پيو ٿو،
هِنَ ويڻ ڪو ته سمجهي نادان جون صدائون!

انسان جي لبن تي انسان جا ها ڏڪڙا،
محسوس چڻ ٿيون سي يزدان جون صدائون!

ازل کان اندر ۾ اڪيلا اڪيلا،
اسان دل جي گهر ۾ اڪيلا اڪيلا!

هڙئي شور آواز ٽولاءِ آهن،
اسان پر شهر ۾ اڪيلا اڪيلا!

نہ ٿو ڪو ڪَنائي ڏُکي دل جون دانهون،
رڙون روز بر ۾ اڪيلا اڪيلا!

خيالن جي واري ڳُٿي شال زاري،
ڏکن ساڻ ٿر ۾ اڪيلا اڪيلا!

نہ احساس آهي نہ ئي سور سڏڪو،
پيا هون قبر ۾ اڪيلا اڪيلا!



وڏي بات آهي مٽن ۽ مٽيءَ جي،
ڏکي ذات آهي مٽن ۽ مٽيءَ جي.

رهي تات منهنجي اکين ۾ اندر ۾،
ڏينهان رات آهي مٽن ۽ مٽيءَ جي.

مٽيءَ منجهہ قدرت مٽيءَ منجهہ جيوَت،
هي ڪائنات آهي مٽن ۽ مٽيءَ جي.

مٽيءَ کي مٽيءَ ئي حياتي ڏني آ،
نہ ٿي ماتِ آهي مٽن ۽ مٽيءَ جي.

دوستَ! منهنجو پتو پڇ نہ تون چنڊ کان،
مان الائي ڪِٿي پارُ ڄاڻان نہ ٿي.

پيار جا تون ٿَها رک پلي سِرَ مٿان،
پيار جي ڪوهہ جو بار ڄاڻان نہ ٿي.

عمر جا پير ٿو موت ڪٽندو اچي،
ڪيئن ڪاٿي ڪري وار ڄاڻان نہ ٿي.

هو بکايل اکين سان تڪي ٿو پيو،
ڪير آهي الئہ ٻار ڄاڻان نہ ٿي.

پيار جا پل گلابن جيان ٿا لڳن،
ڪنهن ڳچيءَ ۾ وڌو هار ڄاڻان نہ ٿي.



يادگيرين سان دل آهي ٻڪجي وئي،
زندگي سورَ ۾ هاڻ ٿڪجي پئي.

سوچ جا هٿ ڊِگها منهنجي دل تي پڳا،
دل ۾ نماڻي انهيءَ ڪان تہ جهٽجي پئي.

بدگمانيون وڏائي ڇڏيون تو جڏهن،
سک بہ سورن هٿان آهي سَٽجي پئي.

دل اڪيلي تہ ڇا اک اڪيلي تہ ڇا،
وات ۾ وات جو تنهنجي مٽجي پئي.

سور پٽيندي رات گذاري،
ساعت ساعت زاري زاري!

هيڏا آهيون هاريل آهيون،
رهٽي آهين سونهن! سوپاري.

نيڻ نظارا ڪيڏانهن ڏسندا!؟
اکڙين آڏو اونده ڪاري!

سرت نہ پياريل! توکي آهي،
سورن وس ٿئي تنهنجي پياري!

حاصل هٿ ۾ ساڳيون سارون،
عمر سموري هڻ هڻ هاري!

چٽ چپر جو سِرَ تي ناهي،
ٻچڙن سان آ ولهہ ويچاري!

پردن پويان ڪيسين رهندين،
هيل بہ ڪاٿي پاڻ ڏيکاري،

اوکي سوکي "شاهده"! جڳ ۾،



قدرت قديم قائم مٽجي وڃي ٿو باقي،
ٻيو وقت سان مِٽيءَ ۾ لٽجي وڃي ٿو باقي.

هڪ سور جو هي رستو آهي ڊگهو ازل کان،
دم دانهن ويل ويلو ڪٽجي وڃي ٿو باقي.

ويساهہ ئي سدائين سائو رهي سفر ۾،
هر ساهہ ڏيهہ ڏک ۾ ٽڪجي وڃي ٿو باقي.

زنده ضمير جرڪي انسان جي عمل سان،
پئيسوءِ لوهہ لوپي زنگجي وڃي ٿو باقي.

ڪردار "شاهده" هڪ دائم رهي دنيا ۾،

تون وڇوڙا وري واري آ،
سات سهڻا سپئي ساري آ.

محبتن جي وسايون دنيا،
نفرتن کي اَلا ماري آ.

جي اُداسيءَ انڌيرو کيو،
آس اکڙيون کڻي ٻاري آ.

دشمنيءَ ۾ رکيو کين کجهه،
دوستيءَ جي متا لاري آ.



روپ انسان جو من اندر جانور،
قياس کهکاءَ کان بد نظر بي خبر.

ڏيءَ لوڙي جيئي وِهَه وَٺيون ٿي پيئي،
آهي واندو مگر پٽ وري معتبر.

قلب جنهن جو انڌو نور جنهن جو گندو،
کيئن چاڙي سگهي سو ادب جو اکر.

لار کنهن جي لڳون آس کنهن ۾ رکون.
کونه آهي سچو راهه جو رهبر.

رنجَ جو سِجُ ٿو سُور ڏي تاءَ ڏي،
پيار جو آ کِٿي چانورو کو چپر!؟

ٻاٽ آهي اجان واٽ کهڙي وڃان،
ٿو نه رستو سُجهي معتبر مانور.

ڏُور جـڏهـن کـان نـاتـا ٽـي ويـا،
پـيـار پـريـن! پـاراتـا ٽـي ويـا!

کـيـئـن وِڇـوڙا وقـت وِڇـايـا؟
نـيـڻ مـلـڻ لـئـہ آتـا ٽـي ويـا!

مِـهـرَ کـرم ٽـو تِـن جـو ڏسـجـي،
درد دلـيـن جـا داتـا ٽـي ويـا!

لوليون تنهنجون ڪيئن رُٺيـون هِـن؟
پـاڳ اپـاڳـا مـاتـا! ٽـي ويـا.



چـور چـپـڙا ٽـوڙ تـالا زنـدگـي!
جـوت جـا گـهـرجـن اُجـالا زنـدگـي!

ڪٿ فضائل ڪٿ مصائب ٽي رهـيـن،
هـر قـدم تـنـهـنـجـا حـوالا زنـدگـي!

تون پرينءَ تان پاڻ ٽي گـهـورڻ گـهـريـن،
رنـج نـاهـي او مشـالا زنـدگـي!

رات تارا ڏٺا مون پئي،
دور پيارا ڏٺا مون پئي.

امن ناهي رهيو جُوءِ ۾،
خوف سارا ڏٺا مون پئي.

پير پنهنجا نہ تن سان رهيا،
پينگ چارا ڏٺا مون پئي.

سور انبار سک ويا لُٽي،
سڀ ڏڪارا ڏٺا مون پئي.

ويا ڦري شهر جا ڻَگ چُپ،



جَلي ڪوئي جَلي، خوش گهارِيون ٿا!
چراغ ـ چاهتن کي ٻارِيون ٿا!

اسان جي سوچ ۾ پيي ٿُور آهي،
سڄڻ ۽ سنڌ کي جو سارِيون ٿا!

اسان جي ساهہ ۾ پيي سَلَ آهن،
مگر مرڪي حياتي گهارِيون ٿا!

اسان جا حوصلا هيٺا نہ ٿيندا،
پٿر جا قلب ڪوڙا ڏارِيون ٿا!

نوح ـ انسان جو ٻيڙو ٻُڏي ٿو،
محبت جي هٿن سان تارِيون ٿا!

جڳمڳ جيئي منهنجو جاني،
مان قرباني مان قرباني.

پيار بنا ٻيو آهي سڀ ڪجهه،
فاني فاني فاني فاني.

ڪيس ڏيان مان لاهي اُڀَ تان،
تارا تارا چنڊ نشاني.

سرگم سرگم ٺاٺ ٻڪيڙو،
ساري گاما پاڌا ڌاني.

ساري جڳ ۾ ناهي جنهن جو،
ڪوئي ثاني ڪوئي ثاني.

جنهن جي خاطر آهي منهنجي،
دل ديواني دل ديواني.



پرين! راند ڪائي رچائي ڇڏيون،
محبت جو مچ ڪو مچائي ڇڏيون.

رکي هٿ هٿن تي ڏسون چنڊَ ڪي،
محبت جي محفل سَجائي ڇڏيون.

هَلي آ وصل ڪي ڪيون ويجهڙو،
جدائيءَ جا لمحا جلائي ڇڏيون.

ڪيڏو توکي چاهيان ٿي،
پيارَ ۾ پاڳل آهيان ٿي.

تولئہ گيت، غزل ۽ وايون،
روئي روئي ٺاهيان ٿي.

جاتي تنهنجو ديرو آهي،
لڳ اُتي ئي لاهيان ٿي.

توکي منٿون روز ڪيان ٿي،
توسان سينو ساهيان ٿي.



تون تہ ساگَرَ جيان،
آئون ساحلَ جيان.

موٽ منهنجا مٺا!
آئون منزل جيان.

آئون روئان پئي،
جيءَ پاڳل جيان.

اج تہ آئين ائين،
چڙ تہ قاتل جيان.


وايون

راهُن ۾ آهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

اکين آندي روشني،

کائي پي ناهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

مون کي سڏ ڏيئي نہ ٿو،

پنهل کي چاهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

روهن جي هِن رند تي،

جيءُ ٿکيو ناهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

ويلو هرکو ڳاهہ جان،

ويٺو ٿو ڳاهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

ساهيون ساهيان واٽَ ۾،

منڙو ٿو چاهي.

سرتيون! سِجُ لهي ويو.

”شاهہ“ سرت نہ وقت جي،



هُو جو مون کي سَڏي،

چوني وچان تَڏي.

الا چونہ وچان تَڏي.

جنهن جي کئي پوڄا،

ويا ڪالهہ ڇَڏي.

الا چونہ وچان تَڏي.

گذريا ڪيئي ڏينهڙا،

آيا ڪينَ اَڏي.

الا چونہ وچان تَڏي.

واکا ڪندي واءُ سان،

ٿي مون کي سِجَ سَڏي.

الا چونہ وچان تَڏي.

هاءِ ڪري ويا هيڪلو،

وئي وَفا لَڏي.

پل پل پنهنجي پيارَ ۾.
گذري پيئي زندگي.
ويڳاڻن وانگي سدا،
وک وک تي سنسار ۾.
گذري پيئي زندگي.
وئرت ڇو هي لوک جي؟
تڪبر ۽ تڪرار ۾.
گذري پيئي زندگي.
ڪٿيو جڳ ڪٿيو اوهان،
ڇا ٿيو پنهنجي هارَ ۾.
گذري پيئي زندگي.
آٿت ناهي ڪنهن ڏني،
ماٺيڙي مونجهارَ ۾.
گذري پيئي زندگي.
ڌرتيءَ جو سنهن سرتيون،
هردم ٿي گونجار ۾.
گذري پيئي زندگي.
آجي ناهيان ”شاهده“.



ڀور پيا اڌ رات.
منهنجو هينئُن اڌ ٿيو.
ڦٿڪي تڙپي ٿا هرن،
اندر ۾ جذبات.
منهنجو هينئُن اڌ ٿيو.
من اندر اُجڙي وئي،
قربن جي ڪائنات.
منهنجو هينئُن اڌ ٿيو.
رات رڙهي ئي ڪونہ ٿي،
ڏور اجان پربات.
منهنجو هينئُن اڌ ٿيو.
مون کي ماري ٿي پئي،
درد وندڙيءَ جي لات.
منهنجو هينئُن اڌ ٿيو.
مون کي ڏيئي ”شاهده“.

ڏينهڙا آهيان ڏُون.

دردن دوريون ڪينَ ڏي.

مون کي ساهَه سيبائتا،

سڀ ڪان پيارو تون.

دردن دوريون ڪينَ ڏي.

ويندي‌س ورنديس ڪينڪي،

چاڙ سڏيو هِن پون.

دردن دوريون ڪينَ ڏي.

انبر رسنديون "شاهده"،



منهنجو جيءُ ڳريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

رڳ رڳ ٿي روئي رَڙي،

آهي روح پريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

سوچون سگريون ساهَه ۾،

ناهي ڏيل ٺريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

اکيون ڏک آليون ڪيون،

دل ۾ درد تريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

احساسن جو من اندر،

آهي ديپ ٻريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

چونه پيا راڙا ڪَيو،

مور نه چپ ڪريو.

پسيو هيڏا پاپ هئہ.

ناهي پوءِ به "شاهده"،

چڏيون سڀ ڪي هاڻ.
آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي.
سانديي جيڏيون جيءَ ۾،
موتين جو مهراڻ.
آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي.
اُڇليون آسن جون هتي،
پوشاڪون پهراڻ.
آنءُ هَلان ٿي هوتَ ڏي.
نينديي ٿو پيو "شاهده".



ننگا پير نہ هل.
واسينگن جي واٽَ تي.
وچيل آهن خوف ئي،
جانيئڙا! پل پل.
واسينگن جي واٽَ تي.
نڪري ويو آهي اديون،
منهنجو رات ادل.
واسينگن جي واٽَ تي.
ساٽي ٿي منهنجا پرين،
جيڪر مون سان رَلُ.
واسينگن جي واٽَ تي.
چيخون پارَ ۾ پيچرا،
هيڏو هاڃو هُلُ.
واسينگن جي واٽَ تي.
ساهَنِ جيڏا سُورَ هِن،
مون سين وک تل.
واسينگن جي واٽَ تي.
خيري ٿي پئہ پاڻ جو،
راڻا ايئن مَ رُل.
واسينگن جي واٽَ تي.
ٿوٽ نہ ٿيا هِن "شاهده".

جيجل جهڙو قياس.

كاتي چين ڏيئي پيو!

سڏكي تارن كي تكيو،

اكين كي آكاس.

كاتي چين ڏيئي پيو!

سور ڏنئي سنجيدگي،

تن من كي احساس.

كاتي چين ڏيئي پيو!

سڏكي ٿي پئي سَڄ ڄڻ،

راهن ۾ راكاس.

كاتي چين ڏيئي پيو!

ڀوڳي ويندس آنءُ ڀر،

ڀينر هي بنواس.

كاتي چين ڏيئي پيو!

لكيو جيكو "شاهده".



كنهن سان مان اوريان!؟

سرتيون! سورَ هزار هِن.

سانديي نيڻن ۾ سيئي،

ڏوريان ٿي ڏوريان.

سرتيون! سورَ هزار هِن.

سكڙن تان ڇا لاءِ هي،

گهورَ كري گهوريان!؟

سرتيون! سورَ هزار هِن.

دل جي ڌرتيءَ تي پئي،

وڻ وڻ جيئن موريان.

سرتيون! سورَ هزار هِن.

تَن سان پيئي "شاهده".

هنجون ايئن مَ هار.
ناهي سِڄ لَٿو اڃان.
ڏوريندي هَلُ تون اڳي،
سارا وهم وِسار.
ناهي سِڄ لَٿو اڃان.
تيز وکون کڻ پنڌ ۾،
پنهل آ هُنَ پار.
ناهي سِڄ لَٿو اڃان.
چو ٿي سارين واٽَ ۾،
پيرن لئه پيزار.
ناهي سِڄ لَٿو اڃان.
آسن سان دل "شاهده".



پسيو کيس ڪلور.
ڇا ٿي سوچين شاهده!؟
جهيڙي جيوَن سان پيو،
هو جو ماڻهو جهور.
ڇا ٿي سوچين شاهده!؟
دلين ۾ آهي رهيو،
روز نئون عاشور.
ڇا ٿي سوچين شاهده!؟
ڌرتيءَ پاپن سان ڪئي،
ماڻهوءَ ڄڻ تندور.
ڇا ٿي سوچين شاهده!؟
ٽيڙو آهي ڏيهه ۾،
ٻارهين جو ٻه ظهور.
ڇا ٿي سوچين شاهده!؟
سور ٿيو هر جيءَ جو،

هٿڙن مان هر سور.
آخر ويندو هارجي.
ڪيسين پاليندين پئي،
پيڙا هيڏو پور.
آخر ويندو هارجي.
ڪيسين جهيڙي جيئڙو،
لوڙيندي مزدور.
آخر ويندو هارجي.
بي ساکن جي ساک ڇا،
ڏوکي جو دستور.
آخر ويندو هارجي.
سرت سوا هي "شاهده"،



آئي اجلي ويل.
جذبا جنازا ٿيا.
ماري ويئي مات ۾،
سرتيون ڪاري ليل.
جذبا جنازا ٿيا.
جيوَن جا ڪٽندا ويا،
ڏسندي سارا ڪيل.
جذبا جنازا ٿيا.
پڙ به ويو اُلڪا ڪڍي،
ڪونه تون آئين هيل.
جذبا جنازا ٿيا.
ڳاڙهي ڪٽ ٿي "شاهده"،

سوچي ڏيل ڏکائتي،
ڳوڙها اکٖهندو کير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
کنهن لئہ کنهن جي جيءَ ۾،
چالئہ کونهي خير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
پنهنجو صوفي ساھہ آ،
کونهي کنهن سان وير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
لوچي سوچي کونہ ٿو،
کيڏو انڌ انڌير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان رکيو،
نانگن جهڙو وير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
پنهنجي دل ۾ ٿو رهي،
هڪڙو درد دلير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
ناهي بات پريت جي،
نفرت ئي چؤڦير.
هيڏي هِن سنسار ۾.
بي ٱلکي چو "شاهده"،



آخر ٿي ويندا،
خالي هٿ حيات جا.
کير اميدون چو رکي،
کنهن کي چا ڏيندا؟
خالي هٿ حيات جا.
درد ڏجان تون دانَ ۾،
تنهنجي در ايندا؛
خالي هٿ حيات جا.
سوچون وڌنديون ويل سان،
ٱلکن ڏي نيندا؛
خالي هٿ حيات جا.
پار پريڻءَ جي "شاهده".

توکي تو ساري،

جهرندڙ جوين جيئڙو!

تارن ۾ پنهنجون رکي،

اکڙيون تو پاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!

ڳوڙهن ۾ هي برف جان،

ڳڻتيون تو ڳاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!

اوکا سوکا ساهَه سان،

ڏينهڙا تو گهاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!

نيڻَ نديءَ ۾ درد جو،

پيڙو تو تاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!

ڳوڙهن اوتي ڏيهَه ۾،

الکا تو هاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!

پنهنجو آهي "شاهده"،

لالڻ جي لاري.

جهرندڙ جوين جيئڙو!



پيا تا ويڙهه وڙهون،

سوپ اسان جو خواب آ.

ڏسندي کانئر کان کي،

ڇا جي لاءِ جُهکون؟

سوپ اسان جو خواب آ.

رهندا اوچا ڳاٽ پيا،

جنهن به جاءِ هُجون.

سوپ اسان جو خواب آ.

تيز هلن ٿيون وقت سان،

پنهنجون واءُ وِکون.

سوپ اسان جو خواب آ.

دل جو کاڳر "شاهده".

ڏينهن تَتو آهي،
پانڌيئڙا هِن پنڌَ ۾.
سرت اِها کنهن کي نہ ڪا،
ڇا ٿو پل ڇاهي.
پانڌيئڙا هِن پنڌَ ۾.
رات ويا رمندا هتان،
اُلڪا سڀ لاهي.
پانڌيئڙا هِن پنڌَ ۾.
ڪير ڇوي هان وقت کي،
گهڙين کي ساهي؟
پانڌيئڙا هِن پنڌَ ۾.
رَسندا ماڳهين "شاهده"،



ٿي تون ڪينَ نراس،
لهندي سج چئي ويو.
ساءُ صبح توکي ڏيندو،
ويڙهہ نہ تون وشواس.
لهندي سج چئي ويو.
ڌرتيءَ جهڙو ٿي رکين،
اندر ۾ احساس.
لهندي سج چئي ويو.
سانڍي رکجانءِ ساهَہ ۾،

قرب سدائين قياس.

لهندي سج چئي ويو.

سوريتي لکجاڻ نئون،

اپرن جو اتهاس.

لهندي سج چئي ويو.

ماڻهو ماڻهوءَ جو ڏسان،

کيئن پٽيندي ماس.

لهندي سج چئي ويو.

ويري ٿيندا سنڌ جا،

جڳ ۾ ڏسنديڻ ناس.

لهندي سج چئي ويو.

ڏاتر بخشئي ڏات ٿو،

ڇو هي هاڻُ نراس.

لهندي سج چئي ويو.

منهنجي هستي پوڻ سان،

۽ تنهنجو آکاس.

لهندي سج چئي ويو.

پوڳيندينءَ تون "شاهده"،

کيسين هي بنواس.

لهندي سج چئي ويو.



تو بِن منهنجو دم،

راتيان ڏينهان پيوڏکي.

مون سان منهنجي جيءَ ۾،

جبل جيڏو غم.

راتيان ڏينهان پيوڏکي.

نيڻ ته آلا جڳ ڏٺا،

ساهه بہ منهنجو نم.

راتيان ڏينهان پيوڏکي.

سوچون جوتون وِيون رُسي،

اندر جو عالم.

راتيان ڏينهان پيوڏکي.

تڙپي ٿو مَنُ "شاهده"،

سڏ سڻي ڪوئي،
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!
سور جهليندي ڪيترا،
لڱن جي لوئي.
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!
سنڌوءَ جهڙا لڙڪ ها،
چڏيا ڳلَ ڌوئي.
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!
گذري ويندي ”شاهده“،



تو جو سات چڏيو،
سڏڪا ترسيا ساهَ ۾.
خوشيون ڪِسڪي هِن ويون،
ڳُوندر گهر اڏيو.
سڏڪا ترسيا ساهَ ۾.
توبن ڪونهي سا گهڙي،
جنهن ۾ پاڻ پڏيو.
سڏڪا ترسيا ساهَ ۾.
آهي سڪڙن ”شاهده“،

ناهيان نڪتي ماءُ!

سورن جي هِن هنجَ مان.

آهِه پرايو هر گهڙي،

اوڪيءَ جو ايذاءُ

سورن جي هِن هنجَ مان.

ڪين مليو مون ڳوليو،

ساهه ستي لئه ساءُ

سورن جي هِن هنجَ مان.

ويڙهه وري آندا امان!

مون ڪي ڪڍ تون آءُ

سورن جي هِن هنجَ مان.

سڏيان سڏڪان "شاهده"،



ناهي چاندوڪي،

رات چڏي وئي رات ۾!

پيالي وِهُه عذاب جي،

ڏونگرا! مون ڏُوڪي.

رات چڏي وئي رات ۾!

ڪونه غمن ڪي ٿي اچي،

گگهَه هٿان گوگهي.

رات چڏي وئي رات ۾!

آس اٿَم سورج متان،

ڪولي تِڪَ تاڪي.

رات چڏي وئي رات ۾!

آهي رهي دل "شاهده"،

تنها تنها پاڙ سان،
روئي ويٺي شاهده.
روز انهيءَ کي رات جو،
ائين ٿو روز ڏسان.
روئي ويٺي شاهده.
چنڊ تارا ياد جا،
تنها اُپ هيٺان.
روئي ويٺي شاهده.
پوپٽ پنهنجي پيارَ جا،
اغوا ڪنهن هٿان،



تو جو چيو عيد تي،
ايندس آئون وري.
پر نہ پهتين تون اڃان.
منهنجي سَري ڪا نہ ڪا،
تنهنجي وئي سري.
پر نہ پهتين تون اڃان.
تنهنجي درد فراق ۾،
ويندس آئون مَري.
پر نہ پهتين تون اڃان.
منهنجي دل جي ديس ۾،
ڪولي درد دري.
پر نہ پهتين تون اڃان.
اوسيئڙي جي آسَ ۾،

دل جي درد دوار تي،
پاتو مون ليئڙو.
اِجهو ساجن ٿواچي.
منهنجي مَنَ جي ماڳَ تي،
مرڪيو اوسيئڙو.
اِجهو ساجن ٿواچي.
جَرڪي پيو جَڳَ ۾،
جيوَن جوڳيئڙو.
اِجهو ساجن ٿواچي.
ڏُکَ جي ڪاري ڊُنڊ مان،



سارِيم ساري رات،
ڪَهي آئين ڪينڪي.
وڏي ويا فاصلا،
توکي ڪا بہ نہ تات.
ڪَهي آئين ڪينڪي.
ڏولاوَن جي ڏيهَہ ۾،
ڏکڙن جي آ ڏات.
ڪَهي آئين ڪينڪي.
ڏنگي ڏينهان رات ٿي،
مون کي منهنجي ذات.
ڪَهي آئين ڪينڪي.
ميندِيءَ رَتا هٿڙا،

ڪانءُ لَنويو اڱڻ تي،
پاتو مون ليئڙو.
اِجهو ساجن پيو اچي.
روح مَنَ سِڪيو،
سالن کان اوسيئڙو.
اِجهو ساجن پيو اچي.
درد ۾ ٺمڪي ٺو،
رات کان ڏيئڙو.
اِجهو ساجن پيو اچي.
سنيهو کڻي آيو،
مون لئه جوڳيئڙو.
اِجهو ساجن پيو اچي.
وائيءَ جا ورلاپ،



منهنجي سوچن ۾،
تنهنجي اچڻ سان.
جيوَن آ جَرڪي پيو.
چوڏس ٺي چانڊاڻ،
روشني پسڻ سان.
جيوَن آ جَرڪي پيو.
زندگي، هو ۽ مان،
گڏجي گهمڻ سان.
جيوَن آ جَرڪي پيو.
تولئه نيڻ نماڻا،
راهون تَڪِڻ سان.
جيوَن آ جَرڪي پيو.
مُند ۾ مهڪارون،

# بيتَ

(سرمد سنڌيءَ جي ياد ۾)

ٻرندا آهن جهنگ جهر، سرمد! تنهنجا ٻول،
هر دل جا او ڊول، مرڻو آهين ڪينڪي.

مارن جي هر درد جو، تون ئي آن دارون،
اوڪيءَ ۾ سارون، سرمد! تنهنجون ساهَہ سان.

تنهنجواڄ آهي بدن، خاڪ سنياليون پاڻ،
تولئہ من مهراڻ، تاريا فوٽا ياد جا.

جُهومائن هرجيءَ کي، سرمد! تنهنجا گيت،
توکي بخشي جيت، جذبا ويتا جا ٻَجا!

توجهڙو فنڪار ٻيو، ٿيڻو ڪونهي ڪو،
تووٽ سنڌڙيءَ جو، نيڻهن رهيو نروار ٿي.



## مرڪ پبليڪيشن جا آيل ڪتاب

1: حيوانات في القرآن ترجمو: منظور سولنگي
2: برڪا بوند بهار جي (گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) مرتب: مرتضيٰ لغاري
3: نئون نئون مڌ آ (گڏيل16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) مرتب: مرتضيٰ لغاري
4: ڪڏهن تہ ملندي (شاعري) سرڪش ناريجو
5: جيجل منهنجي قسمت (ڪهاڻيون) دلبر چانڊيو
6: ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ (شاعري) انجم قاضي
7: دردن ڦولاريا ڦول (شاعري) وفا صالح راڄپر
8: تون منهنجي ساهہ ۾ آهين (ڪهاڻيون) طارق خشڪ
9: عشق جي آخري سرحد (ڪهاڻيون) يار محمد چانڊيو
10: رهيل چار ڳوڙها (شاعري) استاد پيرل قمبر
11: روهيڙي جا رتا گُل (گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب مرتب: مرتضيٰ لغاري
12: ادب آبِ حيات مرتب: بلالَ تبسم
13: جن عشق سين آگاهہ "ج ع منگهاڻي ڪي منظوم پيٽا" شاعري درد هوش محمد ابڙو
14: درد نگر جا ماڻهو (شاعري) عاجز غلام رسول
15: پهڻ پير پٽون ڪيا (شاعري) فرزانا شاهين
16: آڪاس آ اڪين ۾ (شاعري) شبانا عالماڻي
17: هاڻ ۽ هاريو متان (شاعري) شاهده ڪوڪر

## مرڪ پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

